# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

## www.sascitysukkur.com

### ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail:abdullateefansari@yahoo.com

# جيتن جي ڪانفرنس

## ادل سومرو

### (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail:abdullateefansari@yahoo.com


جيتن جي ڪانفرنس
ادل سومرو

# سنڌ

مهاڳ ____________ اياز گل

## ڪهاڻيون

⇦ شرارتي ڪوئو ڪرڇولي
⇦ چار چور ۽ سانوڻ ڏڪڻ
⇦ جيتن جي ڪانفرنس
⇦ نيڪدل طوطو
⇦ شهباز خان ۽ فقير
⇦ ڏکيو ۽ بندرو ٻه دوست
⇦ مرڪ پري ۽ دودو درزي
⇦ مڪار گڏھ جو انجام
⇦ وليداد واپاري

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail:abdullateefansari@yahoo.com

# ڦرهيءَ ڪان فيئر بوڪ تائين وارو زمانو

ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪرڻ ائين آهي، جيئن پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ رنگا رنگ سُڳنڌ ڀريا سوين گل پوکڻ، مرڪ جي موٽ مرڪ سان ڏيڻ يا هڪ وهيءَ ۾ ٻي وهيءَ جو قرض لاهڻ. ۽ ائين به آهي ته ٻارن لاءِ لکڻ نه صرف ڏکيو آهي، پر ڏاڍو ڏکيو آهي، بوتل ۾ ديوَ کي بند ڪرڻ وانگر. ٻالپڻ جا جذبا، خواهشون، ٻاتا ٻول، روئڻ کلڻ، ضد ڪرڻ، رُسڻ ۽ پرچڻ (ڦرهيءَ ڪان فيئر بوڪ وارو زمانو) گهٽو گهٽو پوءِ جي عمر ۾ جيئن جو تيئن سيني رنگن ۽ سين احساسن سان موٽائي ڏيڻ، يقيناً هڪ ڪارنامو آهي ۽ اهو ڪارنامو ڪنهن جهڙي تهڙي جو ڪم ناهي ۽ اهو ئي اهم ڪارڻ آهي، سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ جو.

اهڙي وقت ۾ جڏهن وڏا وڏا ليکڪ، شاعر ٻارن جو ادب تخليق ڪرڻ کان ونئون ٿا وڃن، تڏهن ادل سومري جو ٻارن لاءِ ايڏي تسلسل ۽ سنجيدگيءَ سان لکڻ، هڪ وڏو ڪمال به آهي ته سندس ٻارن سان بيحد محبت جو چٽو پٽو ثبوت به ـ ايسيتائين چوڻ سچ ٿيندو ته هن دؤر جو ٻاراڻو ادب، ادل سومري جي حوالي کانسواءِ اڌورو رهجي ويندو. ادل جو جملي پنجون ۽ نثر جو ٻيو ڪتاب ”جيتن جي ڪانفرنس“ جن نَون ڪهاڻين تي مشتمل آهي، تن جو فني سٽاءُ لوڪ ڪهاڻين وارو آهي. لوڪ ڪهاڻيون ـ جيڪي شهري ماحول جي جادوءَ ۾ ۽ نانين ڏاڏين کي وڏي چمار نه ملڻ جي حادثي ڪانپوءِ، آهستي آهستي پنهنجي اهميت ۽ اثر وڃائي رهيون آهن. روشنيءَ جي رفتار کان تيز رفتار جهازن ۽ راڪيٽن جي دؤر ۾، حقيقتن جي تيز اُس ۾ لوڪ ڪهاڻين جا غير حقيقي واقعا جادوئي ماحول ۽ اڇرج ۾ وجهندڙ ڪردارن جا رنگ، آهستي آهستي اڏامي رهيا آهن. هن دؤر ۾ ٻارن کي رڳو جڙتو ۽ هٿرادو، غير حقيقي ڳالهين جي رانديڪن سان پرچائڻ غلطي ٿيندي. ڪين ذهني سجاڳيءَ جو سبق ڏيڻ، ڪوڙ ۽ سچ جي پرک ڪرڻ جو طريقو ڏسڻ، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ديس سان پيار ڪرڻ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي ٻارن سان مقابلي جي ڊوڙ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ همٿائڻ، بهتر حال ۽ آئيندي جي بقا لاءِ ضروري ٿي پيو آهي.

ادل جي شاعريءَ ۾ ته اهي سڀُ گڻ ڀرپور نموني ۾ موجود آهن، پر هنن ڪهاڻين ۾ انهن مان گهڻين شين جي کوٽ نظر اچي ٿي، جنهن جو پورائو ضروري هو. (ڪهاڻيون ٻارن جي چؤڌاري ڦهليل، ڏٺل وائٺل ماحول ۽ ڪردارن کي ڪٽي، نون نون موضوعن تي لکيون وڃن ها ته بهتر هو.) هنن نَون ئي ڪهاڻين جو تاڃي پيٽو، سٽاءُ ۽ موضوع لڳ ڀڳ هڪ جهڙا آهن ٻِي ـ ويءَ تي هلندڙ ڪنهن سلسليوار ڊرامي

وانگر ـ هنن ڪهاڻين جي بنيادي ڳالهه آهي، ٻارن کي انساني، اخلاقي قدرن کان واقف ڪرائڻ ۽ سٺي انسان بنجڻ جي منزل ڏانهن ويندڙ راهه ڏيکارڻ. جنهن ۾ ادل گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويو آهي. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪونه ڪو نصيحت ڀريو نقطو سمايل آهي.

ڪهاڻي، ’نيڪدل طوطو‘ ۾ آزاديءَ جي اهميت بيان ڪيل آهي ۽ گڏوگڏ اهو ٻه سمجهايل آهي ته احسان جو بدلو ضرور ملي ٿو، جو فائدي وارو آهي.

’جيتن جي ڪانفرنس‘ ۾ سيني ساهه وارن جي ظلم خلاف گڏيل جدوجهد لاءِ راهه سڌي ڪيل آهي ۽ اهڙو سبق سيکاريل آهي، جنهن جي ذريعي مظلوم، ظالم لاءِ شڪست مقدر بڻائي سگهي ٿو. ’شرارتي ڪوئو ڪرچولي‘ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته، سونهن، سٺن لڇڻ بنان بيڪار آهي، جا مورڳو ڪنهن نه ڪنهن مصيبت جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

’چار چور ۽ سانوڻ ڍڪڻ‘ ۾ حق حلال جي ڪمائي کائڻ تي زور ڏنل آهي.

’شهباز خان ۽ فقير‘ ۾ خدا جي مخلوق سان محبت کي عبادت جو درجو ڏنل ڏيکاريو ويو آهي ۽ سمجهايو ويو آهي ته دولت اچڻي وڃڻي شيءِ آهي، ان تي وڏائي ڪرڻ بيڪار آهي.

’ڍگهو ۽ بندرو ٻه دوست‘ ڪهاڻيءَ ۾ ٻئي کي گهٽ سمجهي، وڏائي ڪرڻ جي عمل کي ننديو ويو آهي، ڇوته ڪابه شيءِ بنان ڪارج جي ۽ وقت اچڻ تي ملهائتي ٿئي ٿي.

’مرڪ پري ۽ دودو درزي‘ ـ اڏُ چڙهي سڄي پويان ڍڪڻ ۽ اڏ کان ٻه رهجي وڃڻ واريءَ جُٽ کي نئين ويس ۾ ڍڪي پيش ڪيو ويو آهي.

’مڪار گڏهه جو انجام‘ ۾ ڄاڻايل آهي ته ٻي لاءِ کڏ کوٽيندڙ پاڻ ان ۾ ڪري ٿو، پنهنجي ڀلائي ان ۾ آهي ته ٻئي لاءِ برو نه سوچجي.

’واپاري وليداد‘ ٻه مٿئين ئي قسم جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ برائيءَ جو انجام برائي ڏيکاريل آهي.

ادل، پراڻي انداز ۾ پراڻيون پوڙهيون نصيحتون، نون لفظن ۾، نون ڪردارن ذريعي، نيون راهون ڏيکارڻ لاءِ نئين سئين ڪيون آهن. هو ٻارن کي هر قسم جي براين کان پاڪ صاف ڏسڻ جو خواهشمند آهي، ٻارن ذريعي هو اهڙي معاشري جو پيڙهه وارو پٿر رکڻ ٿو چاهي، جنهن جي عمارت ڪنهن به قسم جي ملاوت واري مٽيريل مان جوڙيل نه هجي. اهڙو ماحول تخليق ڪرڻ ٿو چاهي، جنهن ۾ سونهن هجي، سگهه هجي، سچ هجي ـ ۽ انهن سيني شين کي جڏهن چندي ڦوڪي، توري تکي، سوئي سنواري، صاف ڪري هڪ روپ ٿو ڏجي، ته ظاهر تي ٿو پوي سندس ”پيار“ ٻارن سان بي انتها پيار ـ بنان لالچ لوڀ جي، اڇو اجرو پيار.

پنهنجي ”ٻارن جي لاءِ ڪتاب“ ۾ ڪي لفظ لکيا هئم، سمجهان ٿو، ٻارن لاءِ ادب سرجيندڙ سيني ليکڪن/شاعرن وٽ ٻارن کي ارپڻ لاءِ اهي ساڳيا لفظ آهن، جي هتي ادل ٻاران لکان ٿو: ........

’ٻار منهنجي ڪمزوري آهن، ٻارن جو ٻيو نالو پيار آهي ۽ مون کي ’پيار‘ سان پيار آهي!!!‘

**ايازگل**

Website: www.sascitysukkur.com
E-Mail:abdullateefansari@yahoo.com

# شرارتي ڪُئو ڪرچولي

هڪ رنگريز جي دوڪان ۾ ڪوئن جا ڪيترائي ٻر هوندا هئا. شام جو جڏهن رنگريز دوڪان بند ڪري گهر ويندو هو، ته سڀيئي ڪوئا، پنهنجن ٻرن مان ٻاهر نڪري، پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا ۽ رانديون روندیون ڪندا هئا. سڀني ڪوئن جي چڱي مڙس يعني سردار جو نالو، ڪوڪٽو هو. سردار ڪوڪٽوءَ کي هڪ سڪيلڏو پٽ ڪرچولي نالي هوندو هو، جيڪو تمام گهڻو شرارتي هوندو هو. شام جو جڏهن سڀ ڪوئا پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪندا هئا ته ڪرچولي ٽينگ ٽپا ڏئي عجيب حرڪتون ڪندو هو. سردار جي پياري پٽ هئڻ جي ڪري، سڀ ڪوئا سندس شرارتون برداشت ڪندا هئا، پر ڪيس ڪجھ ڪين چوندا هئا.

هڪڙي شام، عادت موجب ڪرچولي، گيت ڳائي، ٽينگ ٽپا ڏيئي ٻين ڪوئن کي چيڙائي رهيو هو ته اوچتو رنگريز جي ڳاڙهي رنگ سان ڀريل وڏي ڪونڊي ۾ ڪريو. ڳاڙهي رنگ ۾ غوطا کائي، نيٺ ٻاهر نڪتو. پر هو ٻين ڪوئن کان مختلف ڳاڙهي رنگ جو ٿي پيو هو. جڏهن گهر ويو ته ماڻس سندس اهو حال ڏسي کيس گهڻو ئي سمجھايو ته اهي ڏنگايون ڇڏي ڏي. پر ڪرچوليءَ ماءُ جي نصيحتن تي ڪو ڌيان ڪونه ڏنو.

ڪرچولي جڏهن آرسيءَ ۾ نهاريو ته پاڻ کي ٻين ڪوئن کان مختلف ڏٺائين هو ڊوڙندو ماءُ وٽ ويو.

”امڙ او امڙ! ڏس ته آءٌ ڪيترو نه خوبصورت ٿي پيو آهيان.“
ماءُ کيس وري به سمجھائيندي چيو: ”پٽ! تون ظاهري طور ڪيترو به خوبصورت چو نه هجين، پر جيڪڏهن تنهنجا لڇڻ خراب آهن ته تنهنجي سموري سونهن بيڪار آهي.“

ڪرچوليءَ کي ماءُ جي نصيحت نہ وڻي ۽ هو ٽپ ڏيندو هليو ويو. ڪرچولي جڏهن محسوس ڪيو تہ هو پين ڪوئن کان وڌيڪ سهڻو ۽ رنگ ۾ مختلف آهي تہ هن ۾ وڌيڪ تڪبر پيدا ٿين لڳو. هو هر جاءِ تي پنهنجي سونهن جي ساراهہ ڪندي هي گيت ڳائيندو هو:

## سهڻو آهيان آءٌ سين ڪان
## منهنجي مٽ نہ ڪوئو ڪو.

ڪرچوليءَ جي پيءُ سردار ڪوڪٽي، جڏهن ڏٺو تہ سندس سڪيلڌو پٽ وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن حرڪتي ٿيندو، تہ هن ڪرچوليءَ جي شادي ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. جنهن لاءِ پنهنجن دوستن ۽ زال سان صلاح ڪيائين. سڀني، سردار ڪوڪٽي کي ڪرچوليءَ جي شادي ڪرائڻ لاءِ چيو.

ڪرچولي جڏهن راند ڪري گهر آيو تہ ماءُ چيس : ”پيارا پٽ ڪرچولي! تون هاڻ جوان ٿي ويو آهين، سو تنهنجو پيءُ تنهنجي شادي ڪرائڻ ٿو چاهي.“

ڪرچولي حيران ٿيندي پڇيو: ”منهنجي شادي! پر ڪنهن سان؟“ ماءُ وراڻيس، ”تنهنجي مامي مي ڏيءَ پوشيءَ سان.“

ڪرچولي ڪاوڙ ڪندي چيو: ”مان پنهنجي برادريءَ مان شادي ڪونہ ڪندس، جو آءٌ سڀني کان سهڻو آهيان. منهنجي شادي پونم پريءَ سان ٿيندي.“

ڪرچوليءَ کي ماءُ تمام گهڻو سمجهايو، پر هو پنهنجو هوڏ تان نہ هٽيو. سردار ڪوڪٽي کي جڏهن پنهنجي پُٽ جي ڪروڌ جي خبر پئي تہ سخت ناراض ٿيو. کيس چورائي موڪليائين تہ : ”شادي ڪر يا منهنجي گهر مان نڪري وڃُ.“

ڪرچولي وري به پنهنجي ضد ۽ تڪبر تي قائم رهندي، پيءُ ماءُ کي ناراض ڪيو ۽ گهر مان نڪري ويو. ڪرچوليءَ جي ماءُ گهڻو ئي رُني، پر ڪرچوليءَ تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو ۽ هو ٽپ ڏيندو هليو ويو. ڪرچولي هاڻي مختلف جاين تي ڏکي حالت ۾ رهڻ لڳو. پر سندس تڪبر اجا نه گهٽيو. هو جت ڪٿ پنهنجي سونهن جي ساراهه پيو ڪندو هو. ٻين ڪوئن کيس گهٽيون ئي سمجهاڻيون ڏنيون، پر ڪرچوليءَ ڪنهن کي به اهميت ڪونه ڏني.

هميشه وانگر ڪرچولي، هڪ شام جو حرڪتون ڪري ٽپ ڏيئي رهيو هو. ته اوچتو بيخياليءَ ۾، رنگريز جي ڪاري رنگ جي پريل وڏي ڪونڊي ۾ وڃي ڪريو. ڪاري رنگ ۾ غوطا کائي کائي جڏهن ٻاهر نڪتو ته هاڻ ٻين ڪوئن کان بنهه مختلف پوائتو ڪارو ڪوئو ٿي پيو هو. ڪرچوليءَ جڏهن آرسيءَ ۾ پنهنجو ڪارو خوفناڪ روپ ڏٺو ته روئڻ لڳو.

ڪرچوليءَ جي پوائتي شڪل ٻڇي وڃڻ جي ڪري، هر ڪو ڪوئو هن کان پاسي پڄڻ لڳو. ڪرچولي اداس ۽ پريشان ٿي ويو ۽ سندس سمورو تڪبر ختم ٿي ويو. نيٺ هڪ ڏينهن شرمسار ٿي پنهنجي گهر آيو ۽ ماءُ جي پيرن تي ڪري پيو: ”منهنجي مٺي امڙ، مونکي معاف ڪر، مون هوڏ ڪئي، جو اوهان جو چورڻ نه ورتم، جنهن جي سزا مونکي ملي. هاڻ توبهه ٿو ڪريان ته پيهر اهڙيون حرڪتون نه ڪندس.“

ماءُ ڪرچوليءَ کي معاف ڪري سيني سان لاتو. سردار ڪوڪٽي به پنهنجي پياري پٽ جو ڏوهه بخشي کيس پيار ڪيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪرچوليءَ جي شادي ٿي، جنهن ۾ سيني ڪوئن وڏو جشن ڪيو. اهڙي ريت ڏنگايون ڇڏي ڏنيون ۽ پنهنجي زال سميت، ماءُ ۽ پيءُ سان خوش گذارڻ لڳو.

# چار چور ۽ سانوڻ ڏکڻ

ڏکڻ جي ڳوٺ ۾ سانوڻ نالي هڪ تمام ذهين ۽ علم جو چاهه رکندڙ ڏکڻ رهندو هو، جيڪو نه صرف پنهنجي هنر ۾ پڙُ هو، پر ڪچهرين ۽ ڏاهپ وارين ڳالهين ڪرڻ ۾ پڻ هوشيار هو. سندس دلچسپ شخصيت ۾ گهڻي ڪشش هئي، انڪري سڀ ڳوٺاڻا کيس پائيندا هئا. هو جتي به ويندو هو، اتي کيس عزت ملندي هئي.

زال جي وفات کان پوءِ هن ٻي شادي ڪانه ڪئي. کيس ڪو اولاد به ڪونه هو. پنهنجي لانديءَ ۾ ڏکاٽڪي ڪم جي واندڪائي ۾ قديم نسخا ۽ ڪتاب کولي پڙهندو هو. شام جو ڪيترائي ڳوٺاڻا اچي سندس لانديءَ ۾ جمع ٿيندا هئا. پوءِ هلندي هئي ڪچهري، جن ۾ قصا ۽ بيت به بيان ٿيندا ۽ ڳجهارتون ڏنيون ويندیون هيون. اهڙين ڪچهرين ۾ سانوڻ ڪتاب به پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ ڳوٺاڻن کي سٺيون سٺيون نصيحتون به ڪندو هو.

هڪ دفعي سانوڻ کي خيال ٿيو: ”چو نه سفر ڪري الله جو جهان گهمي نوان نوان مشاهدا ماڻجن.“

سو سانوڻ انهيءَ ارادي سان ڳوٺاڻن کان موڪلائي ڪجهه ڪتاب ۽ ٿوري گهڻي رقم ساڻ ڪري سفر تي روانو ٿي ويو. هڪ بستيءَ کان ٻي بستيءَ جي ماڻهن سان ڪچهريون ڪندو سانوڻ هلندو رهيو.

هڪڙي ويران واٽ تي هلندي سج لهي ويو، پر سانوڻ هلندو پئي ويو. اوچتو سامهون چار گهوڙيسوار ظاهر ٿيا، جيڪي تيزيءَ سان گهوڙا ڊوڙائيندا پئي آيا. ويجهو اچي چارئي گهوڙيسوار سانوڻ جي چوڌاري گهيرو ڪري بيهي رهيا.

”ڪير آهين، هن سچي رستي تي ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”منهنجو نالو سانوڻ ڏکڻ آهي، سير سفر ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان.“ سانوڻ وراڻيو.

”علم حاصل ڪرڻ لاءِ.........ها ها ها......“ چارئي سوار ٽهڪ ڏيڻ لڳا. ”اها هڙ اسان جي حوالي ڪر، اسين توکي اهڙو علم ٿا سيکاريون جو گهوٽ ياد اچي ويندءِ.“

سانوڻ ڪلهي تي رکيل هڙ سندن حوالي ڪئي.

”هن ۾ ته رڳا ڪتاب آهن!“

”نه سائين ڪجھ رقم به آهي.“

”چڱو سانوڻ مسافر! تون وينو سُجَ ۾ صدائون ڪر، اسين هلون ٿا.“ ائين چئي چارئي چور وڃڻ لڳا.

”اها ڳالھ ته نه ٿي“ سانوڻ هٿ لوڏيندي چيو، ”توهان چيو ته مونکي ڪجھ علم به سيکاريندا، سو ته اوهان ڪونه سيکاريو. مان توهان کان ڪجھ سکڻ ٿو چاهيان. مونکي پاڻ سان گڏ وٺي هلو.“

چارئي چور حيران ٿي ويا.

”اسين سچي حياتي ڪجھ ڪين سکياسين تون اسان مان ڇا سکندين؟ اسان سان هلندين ته مصيبتن ۾ ڦاسندين.“

آخر سانوڻ جي گهڻي زور پرڻ تي، چورن کيس پاڻ سان گڏ کنيو، چور سانوڻ کي هڪ غار ۾ وٺي ويا، جتي هو رهندا هئا. چورن

سانوڻ کان اُگواٽ انجام ورتو هو، ته هُن سان گڏ چوريون نه ڪندو. تنهنڪري هو رات جو چورن سان گڏ چوريءَ تي نه ويندو هو.

چورن جي سنگت ۾ رهندي به سانوڻ پنهنجي طبيعت ۾ ڦيرو نه آندو. پر آهستي آهستي چورن تي سندس اخلاقي ڳالهين جو اثر ٿيڻ لڳو. چوريءَ تي وڃڻ کان اڳ سانجهيءَ ڌاري ڪچهري ٿيندي هئي، جنهن ۾ سانوڻ اخلاقي آکاڻيون ٻڌائيندو هو.

”ٻين کي ڏک پهچائڻ، طاقت ذريعي ٻين جا حق ڦٻائڻ. اهي سڀ ڳالهيون انسانيت جي خلاف آهن.“

پهريان ته چور سانوڻ جي ڳالهين تي کلي لنوائي ڇڏيندا هئا، پر پوءِ ڪجهه ڪجهه ڌيان ڏيڻ لڳا. ۽ انهن کي احساس ٿيڻ لڳو ته چوري ڪرڻ خراب ڪم آهي.

پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ چور چوندا هئا :
”يائو سانوڻ! اسين ڪسي ڪائڻ تي هري ويا آهيون، هاڻ محنت مزدوري اسان کان ڪانه ٿيندي.“

چورن جي انهن ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ به سانوڻ مايوس ڪونه ٿيو، پر پنهنجو عمل جاري رکندو آيو. هو چورن کي چورن جون آکاٽيون به ٻڌائيندو لڳو، جن ۾ چورن جي پڇاڙي ڏاڍي خراب ٿيندي هئي انهن سان گڏ اهڙن نيڪ انسانن جون به ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو، جن پنهنجي سموري حياتي انسانن جي خدمت ۾ گذاري ۽ سندن نالو هميشه زنده رهيو.

هڪ رات، سانوڻ ۽ چار چور، جيئن ئي هڪ گهر ۾ ڪاٽ هڻي اندر گهڙيا ، ته ساڳئي گهر جي پر واري ڪوٺيءَ مان ڪين ڪجهه آواز ٻڌڻ ۾ آيا :

”سونيءَ جا پيءُ! منهنجي ته نند ئي ڦٽي وئي آهي. ڪجھ گھر ۾ ڪپڙا ته گڏ ٿيا آهن، باقي تون ڪٿان اوڌر سوڌر ئي ڪٽي وٺُ، ته سونيءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيون. جوان ڌيءَ آخر گھر ۾ گھٽا ڏينهن ويٺي هوندي!؟“

”سونيءَ جي ماءُ! چئين ته سچُ ٿي، پر مان به مجبور آهيان. اوڌر جي ڪنهن ۾ اميد ئي نه رهي آهي. گھبراءِ نه، ڌڻي مڙئي چڱي ڪندو. تڪڙو بندوبست نه ٿيو ته پوءِ ڪٽي مينهيون وڪڻنداسين.“

سانوڻ ۽ چئني چورن اهي آواز ٻڌا، چارئي چور ته ماٺ رهيا پر سانوڻ تمام جهڪي نموني ڳالهايو:

”يارئو! غريب جي گھر ۾جوان ڌيءُ ويٺي آهي. هنن تما گھڻي محنت سان ڪجھ پونجي جمع ڪئي آهي. سندن چوري ٿي ته مري ويندا.“

چئني چورن کي اها ڳالھ دل سان لڳي. پوءِ چوري ڪرڻ بنا ئي واپس موٽي آيا. ان رات سڀُ خاموش هئا، ڪنهن به ڪنهن سان ڪونه ڳالهايو. ان واقعي هنن جي دلين تي گھڻو اثر ڪيو.

صبح جو سوير اٺئي هڪ چور چيو:

”سانوڻ تون سچُ چوندو آهين. هيءَ به ڪا زندگي آهي! ٻين جون خوشيون کسي، اسين ڪيسيتائين پاڻ کي خوش رکندا سون، ٻين جي هٿن مان گرهه کسي پنهنجو پيٽ پررڻ ڪٿان جي شرافت آهي؟“ ٻئي چور به انهيءَ جي ڳالھ کي صحيح مڃيندي چيو:

”تون سچُ ٿو چوين دوست ! اسان جو اندر سچو وڏيو پيو آهي. اسان کان ته اهي پينو فقير چڱا، جيڪي پني ته کائن ٿا پر ڪنهن کي رنجائين ڪونه ٿا.“

اهڙي ريت سپني چورن چوريءَ کان نفرت جو اظهار ڪيو. سانوڻ ته انهيءَ مهل جي انتظار ۾ هو، سو موقعو ڏسي ڳالهائڻ لڳو:

”پيارئو! اچو ته سڀُ هن ذلالت جي ڏنڌي کان توبهه ڪريون. وچن ڪريون ته هاڻ اسان پگهر جي پورهئي ڪري، حق حلال جي روزي ڪمائي کائينداسين.“

پوءِ سپني چورن هميشه جي لاءِ چوري نه ڪرڻ جو قسم کنيو. سانوڻ پنهنجي چئني ساٿين کي پاڻ سان گڏُ پنهنجي ڳوٺ وٺي آيو. جتي سپني ڏکاٽڪو هنر سکيو ۽ باقي حياتي عزت سان گذارڻ لڳا.

# جيتن جي ڪانفرنس

هڪڙي جهنگ ۾ جيتن پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ ننڍا وڏا اُڏامندڙ ۽ زهريلا سڀُ جيت اچي ڪٺا ٿيا. ڪانفرنس ڪوريئڙي جي تجويز تي ڪوٺائي وئي هئي ته جيئَن ان ۾ نه فقط هرڪو پنهنجا مسئلا ٻڌائي سگهي، پر آئنده لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي برقرار رکي سگهجي.

ڪانفرنس ڪان هڪ ڏينهن اڳ گهربيٽڙين، سخت محنت ڪري مٽيءَ جي هڪ اسٽيج تيار ڪئي، تندڻن ۽ ماڪوڙن ڪانفرنس واري ميدان کي سڌو ۽ هموار ڪيو. پنيورين پنهنجي پرن سان صفائي ڪئي. مطلب ته سڀني جيتن ڪانفرنس جي انتظامن ۾ گهڻي دلچسپي ورتي.

ڪانفرنس واري ڏينهن تي سڀُ جيت اچي مڙيا. ڪانفرنس جي صدارت نانگن جي سردار ڪئي ۽ پوپٽن جو چڱو مڙس رنگو پوپٽ اسٽيج سيڪريٽري ٿيو. سڀُ جيت پنهنجا پنهنجا ٽولا ٺاهي ويٺا.

رنگو پوپٽ سڀَ کان پهريان مکين جي نمائندي، مڻ مڻ مک کي سڏ ڪيو ته هو اچي پنهنجا مسئلا بيان ڪري، مکين ۾ پُڻ پُڻ پئجي وئي ۽ پوءِ مکين جي اڳواڻ هڪ خوبصورت رنگين مکِ، اسٽيج تي اچي ڳالهائڻ لڳي.

”پيارا پائرو ۽ ڀينرو! اڄ اسان لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن آهي، جو سڀ هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيا آهيون. ڪمزور جيت کان وٺي زهريلي جيت تائين اسين سڀ هڪ آهيون. اسان ۾ مڪمل اتحاد هئڻ گهرجي. پر افسوس جو اسان مان ڪيترن جو گُذران پنهنجي ئي برادريءَ جي ميمبرن تي آهي. اسان مکين کي ڏسو وڪَ وڪَ تي اسان لاءِ ادن ڪوريئڙن جا چار اٽيا پيا آهن.“

ڪوريئڙن ۾ سُس پُس ٿين لڳي. نانگ صدارتي اختيار استعمال ڪندي ڪوريئڙن کي ماٺ ڪرائي ته مک پنهنجي تقرير وري جاري رکي. ”اسان ڪوريئڙن جي انهيءَ روزيءَ بند ڪرڻ جو مطالبو نه ٿا ڪريون، پر روزي حاصل ڪرڻ جي انهيءَ طريقي ۾ ڪجهه تبديلي چاهيون ٿا. يعني هر هنڌ ڪوريئڙن ۽ مکين جو پاڻ ۾ معاهدو ٿيڻ گهرجي جنهن موجب مکيون، پنهنجي قبيلي جي مئل مکيون ڪوريئڙن کي طوراڪ طور پهچائينديون رهنديون. ڏهاڙي هزارين مکيون مرن ٿيون ۽ ڪوريئڙن جو تعداد بنهه ٿورو آهي.“

اڳواڻ مک جي انهيءَ تجويز تي مکيون ۽ ٻيا سنها سنها جيت پنهنجي پرن سان تاڙيون وڄائڻ لڳا.

مک ڪان پوءِ پوپٽ، ڪوريئڙي جي چڱي مڙس کي ڳالهائڻ جي لاءِ چيو. ڪوريئڙن جو چڱو مڙس، ڪانيو ڪوريئڙو تاڙين جي گونج ۾ اسٽيج تي اچي ڳالهائڻ لڳو:

”سائين صدر صاحب ۽ جيت برادريءَ جا سڀئي پائرو پينرو! ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي. شڪر جو هن ڪانفرنس ۾ سڀ اچي گڏ ٿيا آهيون. آئون مڙڻ مڙڻ مک جي تجويز جي حمايت ٿو ڪريان. جيڪڏهن مکين پنهنجو واعدو نڀايو ته اسين به پاڻ کي ان معاهدي جو پابند سمجهندا سين.“

ان ڪان پوءِ ڪرڙيءَ، ماڪڙ، ڏينيوءَ، وڇونءَ، ڪاڪروچ ۽ ٻين جيتن تقريرون ڪري، پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ چيو ته ڪوشش ڪري، ڪوبه جيت ڪنهن ٻئي جيت کي نقصان نه رسائي پر ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جي مدد ڪريون.

ڪانفرنس جي پُڄاڻيءَ کان اڳ رنگو پوپٽ، صدر صاحب جي اجازت سان پريم پور ڳوٺ جي ڳوٺاڻن پاران، جيتن جي تنظيم ڏانهن لکيل درخواست پڙهي ٻڌائي:

جيت برادريءَ جي خدمت ۾ اپيل

توهان سڀني کي سُڌ هوندي ته اسين ڳوٺ پريم پور جا رهواسي، سالن کان هڪ ظالم شخص جي ڏاڍ جو شڪار آهيون. هن ظالم پنهنجي ڏاڍائيءَ سان اسان جي زمينن تي قبضو ڪري، اسان کي بيگار ۾ وهائي بيشمار دولت گڏ ڪئي آهي. هن اسانجو رتُ پيتو آهي، پر سندس اڃ ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ٿي. اسان توهان کي سهڪار لاءِ گذارش ڪندي چئون ٿا ته هن ظالم جي چنبي مان اسان جي جان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪريو.

اميد ته توهان مايوس نه ڪندا.

فقط
پريم پور جا ڳوٺاڻا.

رنگو پوپٽ درخواست پڙهي پوري ڪئي ته سڀني جيتن ۾ سُس پُس شروع ٿي وئي. نانگ سڀني کي راءِ ڏيڻ لاءِ چيو.

وچن جي اڳواڻ چيو: ”ماڻهو پنهنجا معاملا پاڻ نبيريندا، اسان کي سندن وچ ۾ نه پوڻ گهرجي.“

هڪ ماڪوڙي ڳالهايو: ”پوري ڪائنات ۾ رهندڙ سڀ ساهوارن جا هڪٻئي تي ڪجهه حق ۽ فرض آهن. اسان جڏهن اتحاد ۽ محبت جون ڳالهيون ٿا ڪريون ته اسان تي اهو به لازم آهي ته اسان مسڪين ڳوٺاڻن جي وس آهر واهر ڪريون.“

پوئنر پڪار ڪندي چيو: ”اسان کي ان ڳالهه کان لنوائڻ نه کپي. مان ساڳئي ڳوٺ ۾ رهندو آهيان، ويچارن ڳوٺاڻن سان وڏي ويڌن آهي.“

ماڪڙ جي اڳواڻ ڳالهايو: ”سردار نانگ جيڪڏهن حڪم ڪري ته اسين ان ظالم شخص جو سڄو فصل ڪائي ڇڏيون.“

پوپٽ سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو: ”فصل ته غريب هارين جي محنت آهي، جيڪو هنن کي ملڻ گهرجي. فصل تباهه ناهي ڪرڻو پر ظالم شخص جو خاتمو آڻڻو آهي.“

اهڙي ريت گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ جيتن جو صدر نانگ ڦڻ ڪڍي ڳالهائڻ لڳو: ”پيارا دوستو! درخواست بابت، توهان سڀني جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ اها ڳالهه ته واضح ٿي وئي آهي ته ڳوٺاڻن جي مدد ڪرڻي آهي. حالانڪ ان معاملي ۾ اسان جو ڪو واسطو ڪونهي، پر انسانن جي مجبوري ۽ اڪثريت جي فيصلي کان لنوائي نه ٿو سگهجي. پر هاڻ ان ظالم جي خاتمي لاءِ ڪهڙا ٽولا تيار ٿيندا؟“

ڏينڀن چيو:

”ان ظالم واسطي اسان جو ننڍڙو ٽولو ئي ڪافي آهي.“

وڇن وراڻيو:

”اسان جا به ٽي وڇون ان ظالم کي قبر تائين پهچائي ڇڏيندا.“

مڇرن چيو:

”تاريخ ۾ نمرود جو واقعو ڪنهن کان وسريون ڪونهي. ڪيئن نه اسان جي برادريءَ جي هڪ منڊڙي مڇر ظالم نمرود جو

جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. اسان به هن موجوده دؤر جي نمرود سان ساڳيو حشر ڪري سگهون ٿا.“

اهڙي ظالم شخص جي خاتمي لاءِ مختلف جيتن پاڻ کي وجڻ لاءِ پيش ڪيو.

سيني جون ڳالهيون ٻڌي آخر ۾ نانگ چيو: ”توهان سيني جي جذبن جو آءٌ قدر ٿو ڪريان، پر انهيءَ نيڪ ڪم لاءِ آءٌ اڪيلي سِر ويندس، رڳو ڳوٺ تائين پهچائڻ ۽ رستو ڏيکائڻ لاءِ پائو پؤنر منهنجي رهنمائي ڪندو.“

نانگ جا خيال ٻڌي سڀُ جيت سندس ساراهه ڪرڻ لڳا.

نانگ ۽ پؤنر انهيءَ ڳوٺ ڏانهن روانا ٿي ويا. سج لهڻ تي هو، جو ٻئي ڄڻا ڳوٺ ۾ انهيءَ ظالم جي حاويليءَ وٽ پهتا. هو اجا پهتا ئي مس ته گهوڙي تي سوار اهو ظالم شخص بندوق ڪلهي تي ڪنيون حاويليءَ جي شاهي در مان اندر وڃي رهيو هو. پؤنر پڪار ڪري نانگ کي چيو: ”سائين! اهو آهي ظالم شخص، جنهن ڳوٺاڻن جو رتُ پيتو آهي.“

نانگ، پؤنر کان موڪلائي، ڪنڌن وٽان لڪندو لڪندو پوري هوشياريءَ سان، حاويليءَ جي ان ڪمري ۾ وڃي لڪو، جتي ان ظالم شخص جو پلنگ رکيل هو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ظالم شخص پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ جُتي لاهي سمهي پيو. نانگ آهستي آهستي وڃي سندس جتيءَ ۾ ويٺو. اڌ رات جو اهو ظالم شخص اٿيو ۽ جيئن ئي جُتي پائڻ وارو هو ته نانگ سندس پير ۾ ڏنگ هنيا. ظالم شخص رڙيون ڪندي پٽ تي ڪري پيو. سندس رڙين تي نوڪر چاڪر ڊوڙندا آيا. تيسيتائين نانگ ڦڙتيءَ سان اتان نڪري، باغ ۾ وڃي لڪو ۽ صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. هوڏانهن ظالم شخص کي

بچائڻ لاءِ بروقت ڪيترائي جوڳي، ماندا، حڪيم ۽ طبيب گهرايا ويا، پر هو سڄ اپرڻ ڪان اڳ ئي مري ويو.

ڳوٺاڻن جڏهن صبح جو ظالم شخص جي موت جي خبر ٻڌي ته سيني سک جو ساهه کنيو. پوءِ سڀ ڳوٺاڻا بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي خوش خوش پنهنجون حياتيون گذارڻ لڳا.

# نيڪدل طوطو

هڪڙو ماري، هڪ ٻوليندڙ طوطي کي پڃري ۾ بند ڪيون، بازار مان هوڪا ڏيندو پئي ويو:

”وٺو وٺو، پيارو ڳالهائيندڙ طوطو
سستو آهي سودو“

طوطو پڃري مان پريشان ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو، ۽ ٿوري ديرڪان پوءِ ماريءَ سان مخاطب ٿي ٿيو:

”پيارا ماري! مونکي آزاد ڪر ته وڃي پنهنجن ٻچن سان ملان، هو منهنجي انتظار ۾ هوندا. مان توکي ان جو بدلو ضرور ڏيندس. تون هڪ آزاد ماڻهو آهين، پر ٻين جي آزاديءَ جي قيمت ٿو وصول ڪرين!“

پر، ماريءَ هر ڀيري اهو چئي لنوائي ٿي ڇڏيو ته:

”مان تنهنجي ڳالهين ۾ ڦاسڻ وارو ڪونه آهيان.“

سچ لهڻ تي هو، ته ماريءَ کان اهو طوطو هڪ شخص خريد ڪيو. طوطو هاڻ وري ان شخص کي ٻاڏائڻ لڳو.

ان شخص طوطي کي چيو:

”سهڻا طوطا! مون توکي پنهنجي ننڍڙي پٽ لاءِ خريد ڪيو آهي جو هو ڪيترن ڏينهن کان طوطي جي طلب ڪري رهيو آهي.“

طوطي وراڻيو:

”تون پنهنجي پُٽ جي خوشيءَ واسطي، منهنجن ٻچن جي خوشي ڪسي رهيو آهين! هو منهنجي راهه نهاريندا هوندا، مونکي ڇڏ ته ڪين وڃي ملان. مان تنهنجو احسانمند رهندس.“

طوطي جا دردِيلا جملا ٻڌي، هن شخص جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. هن ان وقت ئي طوطي کي آزاد ڪيو ۽ طوطو سندس ٿورا مڃي، ”ٽيون ٽيون“ ڪندو اڏامي ويو.

طوطو، درياهه جي ڀرسان، انب جي وڻ جي ڏار ۾ پنهنجن ٻچن سان رهندو هو. طوطو دير سان پهتو ته ٻچن جي ماءُ طوطِي ۽ ٻچا ڪانئس پڇڻ لڳا. طوطي سموري ڳالهه کين ٻڌائي. سڀئي گهڻو خوش ٿيا ۽ ان شخص کي دُعائون ڏيڻ لڳا، جنهن طوطي کي آزادي بخشي.

ان ڳالهه کي ڪيترائي ڏينهن گُذري ويا. طوطي جا ٻچا به هاڻي اڏامڻ لڳا هئا.

هڪ ڏينهن، طوطو انب جي وڻ تي ويٺو ٻولي رهيو هو ته اوچتو سندس نظر سامهون درياهه ڪَپ تي ويٺل هڪ شخص تي پئي، جيڪو تمام اداس ٿي لڳو. طوطو اڏامي ٿورو ان جي ويجهو ويو. اهو ساڳيو ئي شخص هو، جنهن کيس آزاد ڪيو هو.

طوطي ويجهو وڃي کيس سلام ڪري ٻڌايو ته، هو، اهوئي طوطو آهي، جنهن کي هن ڪجهه ڏينهن اڳ آزاد ڪيو هو. پوءِ طوطي ان شخص کان اداسيءَ جو سبب پڇيو، ته هن وراڻيو:

”مونکي هڪڙوئي پُٽ آهي، جيڪو اڄڪلهه هڪ عجيب بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. گهڻائي علاج ڪيا آهن، پر ڪو فائدو ڪونه ٿو ٿئي. ڪجهه هوشيار حڪيمن جو چوڻ آهي ته، جيڪڏهن چوڪري کي

شينهن جو ڪيرُ پيارو ته چاڪ ٿي ويندو. هاڻ آءٌ پريشان آهيان ته شينهن جو ڪيرُ ڪٿان ايندو!"

طوطي ڪيس دلداري ڏيندي چيو:

"گهٻراءِ نه، توهان جا مون تي احسان آهن. مان شينهن جو ڪيرُ حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس. منهنجو هڪ ڳيرو دوست آهي، هو ان سلسلي ۾ اسان جي ضرور مدد ڪندو."

ٻئي ڏينهن تي طوطي ان شخص کي پنهنجو گهرُ ڏيکاريو ۽ ڪيس ڪيرَ واسطي هڪ ٿانءُ ڏنو. طوطو ٿانءُ پنهنجي چهنب ۾ ڪٽي اُڏاڻو ۽ پنهنجي دوست ڳيري وٽ اچي پهتو. ڳيري سان سموري ڳالهه ڪيائين، ڳيري چيس:

"شينهن تائين پنهنجي رسائي ڪينهي، پر منهنجو دوست ڪانگ اسان جي مدد ضرور ڪندو."

طوطو ۽ ڳيرو ٻئي اڏامي وڃي ڪانگ وٽ پهتا ۽ ساڻس سموري ڳالهه ڪيائون. ڪانگ چين:

"ڪٿي اسان ڪٿي شينهن! باقي اسان جو گدڙ دوست اسان جي مدد ڪري سگهي ٿو، جو هڪ شينهن ڪيس پاءُ ٻڌايو آهي."

پوءِ ٽيئي طوطو، ڳيرو ۽ ڪانگ، اڏامي وڃي گدڙ وٽ پهتا ۽ ڪيس اچڻ جو سبب ٻڌايائون. گدڙ ٻڌايائين ته لنوائڻ لڳو. پر پنهنجي پياري دوست ڪانگ ۽ ٻين مهمانن جو چوڻ ٽاري نه سگهيو ۽ ٿانءُ کڻي شينهن جي غار ڏانهن روانو ٿيو. ٽيئي پکي انتظار ڪرڻ لڳا.

ڪجھ دير ۾ ڳدڙ ٿانءَ ۾ شينھن جو ڪيرُ ڪٽي اچي پھتو. ٽيئي پکي خوش ٿيا ۽ ڳدڙ جو ٿورو مڃڻ لڳا. سيني ڪان وڌيڪ خوشي طوطي کي ٿي. آخر سڀُ ھڪ ٻئي کان موڪلائي، پنھنجي پنھنجي ماڳن ڏانھن روانا ٿي ويا.

طوطو ڪيرُ ڪٽي سڌو ان شخص جي گھر ڏانھن اڏاڻو ٿيو ۽ وات تي ڪٽي بہ ڪونہ ترسيو. اھو شخص ۽ سندس ياتي طوطي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ ڪير آڻڻ تي سندس ٿورا مڃڻ لڳا. پر طوطي کين چيو:

”اھو منھنجو اوھان تي احسان ڪونھي، پر ھڪ اوھان جي ڪيل نيڪيءَ جو ننڍڙو بدلو آھي ۽ آئينده بہ اوھان جو احسانمند رھندس. ھن شخص مونکي آزادي بخشي، ۽ آزاديءَ کان وڌيڪ ڪابہ نعمت ڪونھي.“

طوطي موڪلائي ھليو ويو. چوڪر چاڪ چڱو ڀلو ٿيو. پوءِ اھو شخص ۽ سندس ياتي ان نيڪدل طوطي کي سدائين پيا ياد ڪندا ھئا.

# شهباز خان ۽ فقير

هڪ وڏي شهر ۾ شهباز خان نالي هڪڙو شاهوڪار ماڻهو، پنهنجي خوبصورت بنگلي ۾، هڪ زال ٻن پٽن ۽ ٻين نوڪرن چاڪرن سان گڏ رهندو هيو. شهباز خان کي دولت سان گهڻي محبت هوندي هئي، انڪري هو هميشه ان فڪر ۾ هوندو هو ته ڪهڙن طريقن سان دولت وڌائي سگهجي ٿي. دولت ميڙڻ جي چڪر ۾ هن کي پنهنجي ٻنهي پٽن جي تعليم ۽ تربيت جو به خيال نه رهيو. نتيجي ۾ هن جا ٻئي پٽ هر قسم جي پابنديءَ کان آزاد ٿي ڇڙواڳيءَ واري زندگي گُذارڻ لڳا. شهباز خان سڄو ڏينهن نون ڌنڌن ۽ دولت جي پٺيان گُذاري، شام ڌاري ٿڪجي پنهنجي موٽر ۾ گهر ورندو هو. ذهني سُڪون نه هئڻ سبب رات جو دير تائين بستري تي جاڳي پاسا پيو بدلائيندو هو پر ننڊ کيس تمام ٿوري نصيب ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن معمول موجب ڪمن ڪارين مان واندو ٿي شهباز خان شام جو پنهنجي موٽر ۾ واپس پئي آيو ته پنهنجي بنگلي جي ٻاهرين لوهي دروازي جي پرسان چيراٽي تي ڪکن ڪانن ۽ ميرين اڳڙين جي هڪ ننڍڙي جهوپڙي جُڙيل ڏٺائين. شهباز خان ڪاوڙ مان دروازي وٽ ئي موٽر بيهاري ٻاهر نڪتو ۽ جهڳيءَ جي پرسان بيهي وڏي آواز سان ڳالهائڻ لڳو.

”اڙي ڪهڙي نالائق هتي هيءَ گندگي پکيڙي آهي، ڪير آهي؟ نڪري اچي ٻاهر.“

ايتري ۾ انهيءَ جهڳيءَ مان، ڳچيءَ ۾ مڻڪن جا هار پاتل هڪ گودڙي پوش، ٻانهون ٻڌي ٻاهر نڪتو. ”بابل سائين! ناراض نه ٿيءُ. مسڪين کي ڏينهن پورا ڪرڻ ڏي، اچي رسيا آهيون. ڪجهه گهڙيون تنهنجي محلات جي پاڇي ۾، ڪجهه وري ٻئي هنڌ. ائين ئي وقت گُذري ويندو.“

”اڙي! بند ڪري پنهنجي بڪواس. مان چوان ٿو هاڻ جو هاڻ ڪر پنهنجون اَڳڙيون ۽ هليو وڃُ. تون لڪن رپين جي بنگلي جي سموري خوبصورتيءَ تي ٽڪو ھٽي چڙيو.“

شهباز خان ڪاوڙ مان فقير کي چيو. ايتري ۾ در جي اندران وينل چوڪيدار به ٻاهر نڪتو ۽ چوڻ لڳو ته هن به فقير کي گهڻي منع ڪئي هُئي پر هو ڪانه مڙيو.

”ٻڌُ ڙي! ٺگ فقير، مان صبح ساڻ جيئن تنهنجي منحوس شڪل وري نه ڏسان.“
ائين چئي شهباز خان ڪاوڙ مان موٽر ڪاهي بنگلي ۾ هليو ويو.

شهباز خان بستري تي سمهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ننڊ هميشه جيان سندس اکين کان ڏُور هئي ۽ هو پاسا ورائيندو رهيو. آخر بستري تان اٿي ڪمري ۾ گهمڻ لڳو. ان وقت رات گهڻي گُذري چڪي هُئي. ائين گُهمندي گهمندي هو بنگلي جي ٻاهرين در وٽ اچي پهتو. چوڪيدار قدمن جي آواز تي جاڳي پيو. شهباز خان چوڪيدار کان ٻاهريون دروازو کولرايو ۽ پوءِ اچي ٻاهر روڊ تي گهمڻ لڳو. فقير جي جهُگيءَ مان ڪونگهرن جو آواز پئي آئيو. هن ڪي فقير تي خارَ اچڻ لڳا:

”نپاڳو ڪيتري نه سُڪون سان سُتو پيو آهي!“

شهباز خان ان رات ننڊ نه ڪري سگهيو. صبح جو جڏهن هو بنگلي مان نڪتو ته فقير پنهنجا ڪکَ ڪانا ۽ اَڳڙيون سهيڙي رهيو هو.

فقير ڪيس ڏسي پري کان ٻانهون ٻڌيون ۽ اداس نيڻ کڻي نهارڻ لڳو. جڻ ته چئي رهيو هجي: ”سائين! لک احسان جو توهان

مون مسڪين کي پنهنجي خوبصورت محلات جي پاڇي ۾ هڪڙي رات گذارڻ ڏني."

شهباز خان جا ٻئي پُٽ ڪابه تعليم پرائي نه سگهيا.

آهستي آهستي هنن جو لاڙو براين ڏانهن وڌندو ويو. هو پنهنجي پيءُ جي ميڙيل دولت جوئا ۽ ٻين عياشين ۾ کپائڻ لڳا.

جڏهن شهباز خان جي زال وفات ڪري وئي ته وڌيڪ اداس رهڻ لڳو. زال جي جُدائي، پٽن جي نافرماني ۽ خراب هلت شهباز خان جي بيچينيءَ ۾ اضافو آڻي ڇڏيو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ شهباز خان جي نالائق پٽن جي عياشي انتها کي وڃي پهتي. هنن پيءُ جي سموري ملڪيت جوئا ۽ ٻين براين ۾ کپائي ڇڏي. پڇاڙيءَ ۾ رهائشي بنگلو به زبردستي وڪرو ڪري ڇڏيائون ۽ ٻئي خون جي ڏوهه ۾ جيل اماڻيا ويا.

رهائشي بنگلو خالي ڪرڻ کانپوءِ شهباز خان تمام مسڪينيءَ واري حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن پريشان ڀٽڪڻ لڳو.

هن سوچيو به نه هو ته ساڻس اهڙي حالت ٿيندي. سڀ دوست کيس ڇڏي هليا ويا ۽ هو هن دنيا ۾ اڪيلو ويڳاڻو رهجي ويو. هاڻ هو هڪ بيگهر فقير هو، جنهن کي اها به خبر ڪونه هئي ته سندس ڏينهن ڪٿي ۽ رات ڪٿي گذرندي.

هڪ ڏينهن شهباز خان گهاٽي جهنگ مان پئي گذريو. آسمان تي ڪڪرن جي گجگوڙ هئي. اوچتو طوفان سان گڏ تيز برسات شروع ٿي وئي. شهباز خان پاڻ کي برسات کان بچائڻ لاءِ ڪنهن اوٽائتي جاءِ جي تلاش ڪرڻ لڳو. ڪجھ پنڌ اڳتي وڃڻ کانپوءِ کيس پريان هڪ جهوپڙي نظر آئي، جنهن ۾ ڪجھ جهَڪي روشني به

هُئي. شهباز خان تڪڙو تڪڙو ان جهوپڙيءَ طرف وڌيو. جهوپڙيءَ طرف پهچي هن ڏٺو ته هڪ ماڻهو جهوپڙيءَ ۾ باهه جي پرسان ويهي ڪجهه ڪائي رهيو هو. شهباز خان کيس سلام ڪيو. جهوپڙيءَ ۾ ويٺل شخص آڌر ڀاءُ ڪندي کيس پاڻ سان گڏ ماني کائڻ لاءِ چيو. شهباز خان کي بُک به گهڻي لڳي هئي. سو هن سان ماني کائڻ لڳو. ماني کائڻ سان گڏُ جهوپڙيءَ وارو شخص ساڻس ڪچهري به ڪرڻ لڳو.

پاهر برسات جهَڪي ٿي وئي هُئي.

باهه ڪجهه گهڻي ٻري ته ان جي روشنيءَ ۾ شهباز خان ڏٺو ته جهوپڙيءَ وارو شخص، اهو ساڳيو ئي فقير هو، جنهن ڪجهه وقت اڳ سندس بنگلي جي پرسان جهوپڙي جوڙي هُئي ۽ پوءِ سندس اعتراض تي هو اتان هليو ويو هو.

شهباز سان دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيڻ لڳو. هن چاهيو ته اتان جلد هليو وڃي، پر فقير کيس روڪيندو چيو:

”پاهر برسات آهي. هن مهل توهان ڪيڏانهن ويندا؟ رات هتي آرام ڪريو، پوءِ صبح جو پلي هليا وڃجو.“ شهباز خان، فقير جي زور پرڻ تي رات اتي ترسي پيو. ڪچهريءَ دوران شهباز خان پشيمان ٿي فقير کي چيو:

”فقير سائين! مونکي معاف ڪريو. مان اهوئي مغرور دولتمند آهيان، جنهن پنهنجي بنگلي پرسان اوهان جي وجود کي برداشت نه ڪيو هو.“

فقير کي اهو واقعو ياد آيو.

”انسان خطا جو گهر آهي. هو پنهنجي دولت تي مغرور ٿي اللهؒ تعالیٰ جا سڀُ احسان وساري، اللهؒ جي مخلوق کي رنجائي ٿو.“ فقير

افسوس ڪندي چيو: ”پر دولت ته اڇٽي وڃٽي شيءِ آهي. ان تي ڀروسو! انسان کي پنهنجو ڪردار بلند رکڻو آهي. الله جي مخلوق سان محبت به عبادت آهي.“

”وڪر سو وهاءِ، جو پئي پُراڻو نه ٿئي“

فقير جون ڳالهيون ٻڌي شهباز خان روئڻ لڳو. فقير کيس دلداري ڏيندي چيو:

”الله وٽ تنهنجون خطائون معاف ٿي وينديون. گهٽ ۾ گهٽ تون پنهنجي خطائن تي پڇتائين ته ٿو. انسان کي هن ڌرتيءَ تي وڏائي ڪرڻ بدران، نيازيءَ نئڙت سان رهڻ گهرجي.“

فقير جون سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌي شهباز خان جي دل تان ڪجھ بار جهڪو ٿيو ۽ هو سڪون محسوس ڪرڻ لڳو.

پوءِ شهباز خان سڄي حياتي فقير سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

# ڏکوءِ بندرو ۽ دوست

هڪ ننڍڙي شهر ۾ ٻه ماڻهو اهڙا رهندا هئا، جيڪي سڀني ماڻهن جي ٽوڪن ۽ طنزن جو نشانو بڻيل هئا. هڪ هو تمام ڏکو ماڻهو ۽ ٻيو هو تمام بندرو ماڻهو. ڏکي ماڻهوءَ جو نالو ارباب هيو، پر ماڻهو کيس چيڙائڻ خاطر ارباب اٺ سڏيندا هئا. بندري ماڻهوءَ جو نالو دائم هو ڪ، پر ماڻهو کيس ستائڻ خاطر دائم ديو سڏيندا هئا. ٻئي ويچارا ماڻهن جا ستايل هئا، ڪوبه سندس دوست نه هو، ان ڪري هو ٻئي هڪ ٻئي جا دوست ۽ حال ڀائي هئا. دوستيءَ کان اڳ ڌار ڌار گهمندا هئا ته ٻه ماڻهو پوءِ هٽي کين پريشان ڪندا هئا. وري جڏهن سندن دوستي ٿي ۽ گڏ گهمڻ لڳا ته اڳ کان وڌيڪ ماڻهو کين چيڙائڻ لڳا. هي ٻئي شهر مان ڪٿان به گذرندا هئا ته ماڻهن ۾ ٺهڪڙو مچي ويندو هو. وڏا توڙي ننڍا، سڀ مٿن ٽوڪن جو وسڪارو لائي ڏيندا هئا، پر هي ٻئي ٻڙڪ نه ڪڍن پاهه، ماٺڙي ڪيون هليا ويندا هئا.

هڪڙي شام جو، شهر جي باغ ۾ ڪچهري ڪندي ڏکي ماڻهوءَ چوڪارو ڀريندي چيو: ”دوستا! هن شهر ۾ هاڻ پنهنجو گذارو نه ٿيندو، ماڻهن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي صلاح آهي ته ڪنهن ٻئي هنڌ لڏي هلجي“.

بندري ماڻهوءَ موٽ ۾، سندس صلاح مڃيندي وراڻيو: ”تون سچ چئي رهيو آهين. آءُ پاڻ هن شهر مان بيزار آهيان، ڪو قرب ۽ مزو نه رهيو آهي. بهتر آهي ته سفر تي هلجي ۽ قسمت آزمائجي“.

ٻنهي دوستن شهر ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو. آخر هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا، ڪجهه رقم ۽ ضرورت جوڪجهه سامان ساڻ ڪري سفر تي روانا ٿي ويا. جهنگ جهر لتاڙيندا، هڪ بستيءَ کان ٻي بستيءَ سفر ڪندا رهيا.

ڏکو ماڻهو ڪجهه مغرور طبيعت جو هو. هر ڳالهه ۾ پاڻ کي مٿيرو سمجهندي، هو وقت به وقت بندري ماڻهوءَ کي اهو احساس ڏياريندو هو ته هو سمجهه ۾ توڙي طاقت ۾، هن کان وڌيڪ آهي.

هڪڙي ماڳ تي سندن کاڌو ختم ٿي ويو ۽ کين بک به اچي تپايو هو، سو ڏکي ماڻهوءَ بندري کي چيو: ”تون ته ڪوبه ڪم نه ڪري سگهندو آهين، اچ ڪٿان کاڌي جو بندوبست ته ڪري اچُ، آءُ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“

ائين چئي ڏکو ماڻهو ليٽي پيو.

بندرو ماڻهو سوچڻ لڳو ته ”ڇا ڪجي؟“ آخر کاڌي جي ڳولا ۾ پرپاسي نڪري ويو. هڪ جاءِ تي چمن جا ڪجهه وڻ بيٺا هئا، پر بندرو شخص، چمن تائين پهچي نه سگهيو، سو واپس اچي ڏکي ماڻهوءَ سان ڳالهه ڪيائين. ڏکو شخص ناراض ٿي بندري شخص کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو: ”مونکي تنهنجي دوستيءَ مان ڪوبه فائدو ڪونهي. سڀُ ڪم آءُ ٿو ڪريان. تنهنجو وجود منهنجي دم سان آهي. جي آءُ نه جهان ها ته هوند تون بک مري وڃين!“

پوءِ ڏکو ماڻو پنهنجي واڪاڻ پاڻ ڪندو، بندري ماڻهوءَ سان گڏ، چمن جي وڻن ڏانهن ويو. ڏکي ماڻهوءَ وڻن مان هٿن سان چمون پٽيا، پوءِ ٻنهي گڏجي کاڌا.

هنن جو سفر وري جاري رهيو.

پنڌ ڪندي هڪ جاءِ تي هڪ ننڍي ندي آئي. نديءَ مٿان ڪابه پُل ڪانه هُئي. بندري ماڻهوءَ تار پاڻي ڏسي پريشان ٿيندي چيو: ”مان ته پار هيءَ ندي ٽپي ڪين سگهندس. هڪ ته اٿم قد ننڍو، وري ترڻ به نه ٿو ڄاڻان.“

ڏٻو شخص وڏا ٺهڪ ڏيندي چوڻ لڳو: ”تڏهن ته مان هر دفعي چوندو آهيان، تنهنجو وجود منهنجي ڪري آهي. تون بنهه بيڪار، ڪنهن ڪم جو ناهين. منهنجي لاءِ هيءَ ندي ته بنهه ننڍي آهي، مان وڏن وڏن درياهن کي پار ڪري چڪو آهيان!“

بندري ماڻهوءَ کي، ڏٻي جي ڏاڍن تي ڪاوڙ ته گهڻي تي آئي پر مجبوريءَ سبب ماٺ رهيو. ڏٻي شخص، بندري شخص کي بيزاريءَ مان پنهنجن ڪلهن تي واهاري، ڇڙٻون ڏيندي ندي پار ڪرائي. پوءِ سڄي واٽ پنهنجي ساراهه سان گڏ، بندري ماڻهوءَ تي ڪيل احسان جو ذڪر ڪندو هليو.

هلندي هلندي جهنگ ۾ ڪين رات پئجي وئي. ٻئي سوچڻ لڳا ته هاڻي ڪٿي سُمهجي؟ زمين تي سمهڻ سان، جهنگلي جانورن جو خطرو هو. ٻنهي خيال ڪيو ته ڪنهن مٿانهين هنڌ تي رات گُذارجي ته بهتر. چوڌاري نهارڻ سان، ڪين ٿوري پنڌ تي هڪ پهاڙ نظر آيو. ٻئي، پهاڙ تي رات رهڻ جو فيصلو ڪري اوڏانهن وڌڻ لڳا.

بندرو ماڻهو پريشان ٿي ويو، جو هو پهاڙ تي چڙهڻ نه ڄاڻندو هو. هو، ذهني طور تي اڳواٽ، ڏٻي ماڻهوءَ جي دڙڪن ٻُڌڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن ڏٻي ماڻهوءَ کي جڏهن اهو ٻڌايو ته هن کي چڙ وارو ملي ويو: ”آءٌ تومان ته هاڻ بيزار ٿي پيو آهيان، مهرباني ڪري مونکا ڏار ٿي وڃُ. تنهنجو وجود هن ڌرتيءَ تي بار آهي. آءٌ نه هجان ها ته هوند تون ذليل ۽ خوار ٿي وڃين.“

بندرو ماڻهو سڀ ڪجهه ماٺ رهي سَهندو رهيو. ڇو ته ماٺ ڪانسواءِ هن لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. ڏٻي شخص پاڻ کي اهميت ڏيندي، بندري ماڻهوءَ کي دڙڪا ڏيئي جڏهن ڍوُ ڪيو ته پوءِ ڪيس بيزاريءَ مان پهاڙ تي چڙهن ۾ مدد ڪئي. بندري ماڻهوءَ اها رات پهاڙ تي نهايت صبر سان گُذاري. هن دل ۾ ارادو ڪري ڇڏيو ته صبح ٿيڻ تي ڏٻي ماڻهوءَ کان ڌار ٿي ويندو.

صبح جو بندري ماڻهوءَ جڏهن ننڌيءَ دل سان سوچيو ته: ”ٻڳهي ماڻهوءَ کان ڏار ٿيڻ سان، هن لاءِ مونجهارا پيدا ٿي سگهن ٿا“، هن پنهنجو ارادو بدلائي، ساڻس گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

ٻڳهي جو ورتاءُ بندري سان، جيتوڻيڪ تمام خراب هو، پر مجبوريءَ بندري کي، ٻڳهي کان ڌار ٿيڻ نه ڏنو. ٻئي ائين سفر ڪندا هليا.

هڪ ڏينهن هو هڪ ننڍڙي شهر ۾ پهتا.

گهٽي گهٽي گهُمڻ باوجود به پنهي کي اتي ڪا نوڪري ڪانه ملي. آخر مايوس ٿي، ڪجهه کاڌي جو سامان ۽ روشنيءَ لاءِ ميڻ بتيون خريد ڪري، اڳتي روانه ٿيا.

سج لهڻ مهل، هو هڪ پهاڙي علائقي ۾ پهتا. هنن، رات اتي گذارڻ جو فيصلو ڪيو. ٻڳهي شخص باهه واسطي ڪاٺيون وغيره گولڻ لاءِ پرپاسي ويو ته کيس هڪ غار ڏسڻ ۾ آئي. هوءَ غار جي منهن وٽ پهتو. غار جو منهن تمام سوڙهو هو، جنهنڪري ٻڳهو شخص اندر وڃي نه ٿي سگهيو. هو جيئڻ ئي ڪنڌ هيٺ ڪري، غار ۾ اندر نهارڻ لڳو ته سندس کيسي ۾ پاتل سوني دبليءَ واو تعويذ هيٺ ڪري پيو. هو رڙيون ڪرڻ لڳو: ”اڙي! منهنجو تعويذ هيٺ ڪري پيو، هاڻي ڇا ٿيندو!“

سندس رڙيون ٻڌي. بندرو شخص ڊوڙندو وٽس آيو: ”ڇا ٿيو دوست! تون پريشان ڇو آهين؟“

ٻڳهي روئي وراڻيو: ”منهنجو سونو تعويذ هيٺ ڪري پيو، هاڻي ڇا ڪريان؟ مان غار ۾ گهڙي به نه ٿو سگهان.“

بندري ماڻهوءَ کيس دلداري ڏيندي چيو: ”گهبراءِ نہ دوست! مان هيٺ وڃي تنهنجو تعويذ ڳولي ٿو اچان.“

بندرو ماڻهو، ميڻ بتي ٻري هيٺ غار ۾ لهي ويو. مٿي غار جي منهن وٽ ڍڳهو ماڻهو سندس انتظار ڪرڻ لڳو.

گهڻي دير ڪان پوءِ بندري ماڻهو، هيٺان، غار مان رڙ ڪئي: ”دوست! تنهنجو تعويذ ملي ويو.“

پوءِ تعويذ کڻي غار کان ٻاهر آيو. ڍڳهو ماڻهو تمام گهڻو خوش ٿيو. پر دل ۾ ڪجهہ شرمسار بہ ٿيڻ لڳو، جو هو هميشہ بندري ماڻهوءَ کي بيڪار سمجهي، کيس ڦٽڪار ڪندو رهندو هو. پر هاڻ هو، ان جي اهميت محسوس ڪرڻ لڳو. ڍڳهي ماڻهوءَ سوچيو: ”ڪڏهن بہ ڪنهن کي گهٽ چاڻي، تڪبر ۽ وڏائي نہ ڪجي.“ پوءِ هن بندري ماڻهوءَ کان گذريل ڪوتاهين جي معافي ورتي. بندري کيس معاف ڪيو.

ان کان پوءِ هو ٻئي سدائين قرب ۽ دوستي سان گذارڻ لڳا.

# مُرڪ پري ۽ دودو درزي

ڪنهن ڳوٺ ۾ دودي نالي هڪ درزي رهندو هو، جنهن جي زال تمام لالچڻ هئي ۽ چاهيندي هئي ته سندس مڙس گهڻي ڪان گهڻي دولت آڻي. ويچارو درزي پنهنجي محنت جي سموري ڪمائي پنهنجي زال جي آڏو رکندو هو، پر سندس زال ڪڏهن به خوش نه ٿي ۽ هميشه مڙس تي ڪاوڙ ڪندي ڪيس چوندي هُئي ته: ”تُون سست ۽ لاچار آهين، گهٽ محنت ٿو ڪرين، جنهن ڪري ٿورا پئسا ٿو آڻين.“

درزي ويچارو پنهنجي لالچڻ زال جون ڇڙٻون پيو ٻڌندو هو، پر موٽ ۾ زبان مان هڪ اکر به ڪين ڪچندو هو. هڪ ڏينهن درزيءَ کي، زال ڪاوڙ ڪندي چيو: ”مونکي هڪ سؤ سونين گينين جي ضرورت آهي. ڪٿا به آڻي ڏي، نه ته مان زهر کائي مرندس.“

ويچارو دودو درزي، زال جي فرمائش ٻڌي گهڻو پريشان ٿي پيو. دوڪان تي ڪپڙا به سبي نه ٿي سگهيو ۽ روئندو رهيو. سانجهيءَ مهل، هو پنهنجي دوڪان ۾ اداس ويٺو هو ته اوچتو روشني پکڙجي وئي. درزيءَ ڏٺو ته هڪ خوبصورت پري سندس آڏو بيٺي آهي.

پريءَ مٺڙي آواز ۾ ڳالهايو:

”پيارا! دودا درزي! منهنجو نالو مرڪ پري آهي. مان ماڻهن ۾ خوشيون ورهائيندي آهيان، مونکي ٻڌاءِ ته توکي ڪهڙو ڏک آهي؟“

مرڪ پريءَ جي همدردي ڏسي دودو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس پنهنجي پريشانيءَ جو سبب ٻڌايائين. مرڪ پريءَ چيس: ”تورو ٿهڪ ڏي“ دودي درزيءَ ٿهڪ ڏنو ته هڪ سوني گيني سندس اڳيان اچي ڪري. اهڙيءَ طرح درزيءَ هڪ ٻئي پويان پورا سؤ ٿهڪ ڏنا ته وٽس

سؤ گينيون ٿي ويون. سؤ گينيون ڏسي درزي خوشيءَ ۾ نٽي ماپيو. مرڪ پريءَ درزيءَ کان واعدو ورتو ته اهو راز ڪنهن سان نه سليندو. مرڪ پري، دودي جو مسئلو حل ڪري اڏامي هلي وئي. دودو تمام گهڻيءَ خوشيءَ مان سؤ گينيون سنڀالي گهر ڏينهن روانو ٿيو.

لالچي زال جڏهن سؤ گينيون ڏٺيون ته حيران ٿي چوڻ لڳي: ”پيارا دودا! مونکي اعتبار نه ٿو ا چي، چڙ ته مان خواب ڏسي رهي آهيان. سچ ٻڌاءِ! ته هي گينيون ڪٿان انديون آهن؟“

دودو، پريءَ سان ڪيل واعدي موجب حقيقت ٻڌائڻ کان لنوائي، زال سان ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو، پر زال اعتبار نه ڪندي، ضد ٻڌي بيٺي ته هو سچي ڳالهه ڪري. گهڻي چوڻ جي باوجود به جڏهن دودي زال کي اهو راز نه ٻڌايو ته، زال اونڌي منجي ڪري ويهي رهي ۽ چوڻ لڳي ته، جيڪڏهن ڪيس صبح تائين اصل ڳالهه جي خبر نه پئي ته هوءَ پاڻ کي گهوگهو ڏيئي ماري ڇڏيندي.

زال جي ضد آڏو، دودي نيٺ هار ڪاڏي ۽ هو مرڪ پريءَ سان ڪيل واعدو ٽوڙي، زال کي اصل ڳالهه ٻڌائي ويٺو. لالچي زال کي، اصل حقيقت معلوم ڪري گهڻي خوش ٿي پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس کي زوريءَ ڪتڪتايون ڪري کلائڻ لڳي. جڏهن دودي ٿڪ ٿي ڏنو ته هڪ سوني گيني ٿي ڪري ۽ هوءَ وئي ٿي جمع ڪندي. دودي کي زال ايترو ته کلايو جو آخر هو ساڻو ٿي ڪري پيو.

ٻئي ڏينهن تي زال، دودي کي دوڪان تي به نه وڃڻ ڏنو ۽ کيس زوريءَ کلائڻ لڳي. دودو آخر بيزار ٿي زال کي چوڻ لڳو:

”هاڻ ته کلي کلي آءُ بيهوش ٿيڻ وارو آهيان خدا جي واسطي مونتي رحم ڪر، ايتري لالچ سٺي ناهين.“

پر، دودي جي ايلازن جو زال تي ڪو اثر ڪونه ٿيو.

زال جي لالچ ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي. آخر هن دودي کي گهر ۾ ڀڏي ويهاري ڇڏيوءِ گهڙي گهڙي ڪيس ڪلائي ٺهڪ ڏياري، گينيون جمع ڪرڻ لڳي. دودو ويچارو زوريءَ ڪلي، ساٽو ٿي، پنهنجي حالت تي روئڻ لڳندو هو. هوڏانهن زال جي لالچ کٽڻ واري ڪين هئي.

هڪ ڏينهن دودي درزيءَ کي گهر ۾ ڀڏي، زال ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر هلي وئي، ته پويان دودو، تمام گهڻو روئي مرڪ پريءَ کي ياد ڪرڻ لڳو.

اوچتو روشني پکڙجي وئي ۽ مرڪ پري اچي حاضر ٿي. دودي گهڻو روئي، مرڪ پريءَ کان واعدي ٽوڙڻ جي معافي ورتي ۽ هن مصيبت مان جان آجي ڪرائڻ جي گُذارش ڪئي. مرڪ پريءَ کي درزيءَ جي حالت تي ڏاڍو رحم آيو هن ڪيس معاف ڪندي چيو: "دودا درزي! جي تون پنهنجي زال سان ڳالهه نه ڪرين ها، ته هوند هي ڏينهن نه ڏسين ها! دولت جي لالچ مصيبت پيدا ڪندي آهي. تون گهبراءِ نه تنهنجي لالچي زال کي لوڀ جي سزا جلد ملندي ۽ تنهنجي جند آزاد ٿيندي".

ائين چئي مرڪ پري غائب ٿي وئي.

لالچي زال ڏيهاڙي دودي کي ڪلائي گينيون جمع ڪندي وئي، تان جو وٽس سونين گينين جي هڪ پيٽي پرجي وئي.

هڪڙي رات جو، اوچتو رڙين جي آواز تي دودو درزي جاڳيو، ڇا ڏسي ته پيٽيءَ مان تيزيءَ سان گينيون نڪرنديون، سندس زال جي جسم سان چنبڙنديون ٿي ويون. ائين سموريون گينيون ڪيس چنبڙي ويون. درزي پنهنجي زال جي جسم کان گينين کي ڌار ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هڪ به گيني جسم کان ڌار

نه ٿي، نيٺ درزيءَ جي زال رڙيون ڪندي مري وئي. مرڻ ڪانپوءِ ٻه گينيون سندس جسم ڪان ڌار نه ٿيون. اهڙي ريت اهي گينيون لالچي زال سان گڏ قبر ۾ دفن ٿي ويون.

جڏهن ماڻهن ڪي لالچي عورت جي انهيءَ انجام جي خبر پئي ته سڀ توبهه توبهه ڪرڻ لڳا.

# مڪار گڏھ جو انجام

هڪڙي جهنگ ۾ گهاٽن وڻن جي پرسان هڪڳ ڇُر ۾ ڳاڳو نالي گدڙ رهندو هو. انهيءَ جُرڪان ٿوري پنڌ تي هڪ ندي هئي، جتي ڳاڳو ڏهاڙي مڇين جي شڪار تي ويندو هو. ڳاڳوءَ جي ڪرڪٽي نالي هڪ ڪانگ سان دوستي هُئي. ڪانگ به روز اچي ان نديءَ وٽ گدڙ سان ملندو هو. پوءِ ٻئي چٽا ڪچهريون به ڪندا هئا، ته مڇيءَ جو شڪار ڪري پنهنجي پيٽ پوجا به ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪانگ پنهنجي سُريلي آواز ۾ راڳ ڳائي گدڙ جي دل به وندرائيندو هو. اهڙي ريت ٻئي دوست پاڻ ب سان پيا وقت گُذاريندا هئا.

هڪ ڏينهن، هڪ سست رولو گڏهه، گهمندو گهمندو گدڙ جي ڇُر وٽ اچي نڪتو. چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ ۽ ٿوري پنڌ تي وهندڙ ندي ڏسي، گڏھ جي دل هرکي، ۽ هن اتي رهڻ جو ارادو ڪيو. گهاٽن وڻن جي وچ ۾ بيهي، گڏھ هينگون ڪرڻ لڳو. گڏھ جي هينگڻ جي آواز تي ڳاڳو گدڙ پنهنجي ڇُر مان ٻاهر نڪتو. گدڙ کي ڏسي، گڏھ ڏانهنس وڌي آيو. "ڪهڙا حال آهن پيارا گدڙ مان سورن جو ستايل، تمام ڏتڙيل آهيان. شهر جي چوڪرن مونسان وڏا ويل وهايا آهن." گڏھ نهايت ڏڪاريل لهجي ۾ چيو، "سوءِ گوڙ گهمسان کان پچي هتي آيو آهيان ته جيئن پڇاڙيءَ جا ڏينهن آرام سان گذاري سگهان. ان لاءِ تنهنجي مدد ۽ ساٿ جي ضرورت آهي."

موٽ ۾ گدڙ به هن کي ڪيڪاريندي وراڻيو:

"ڀاءُ! سدائين آئين. ملڪ مولا جو آهي، ڀلي هت رهُه. گڏجي رهنداسين ته ڪچهري ۾ وقت سٺو پيو گذرندو." اهڙي ريت، هاڻ گڏھ به اتي رهڻ لڳو.

گدڙ ۽ گڏھ جي طبيعت ۾ وڏو فرق ھو. گدڙ ۾ نياز نئڙت ھُئي پر گڏھ نھايت ھوڏي ۽ مغرور ھو. ھو ھر ڳالھ ۾ پاڻ کي مٿانھون سمجھي، گدڙ کي ٽوڪيندو رھندو ھو. ان ڪري گدڙ جي گڏھ سان سنگت ٿي نہ سگھي. گڏھ سائو گاھ کائي، ڍؤ ڪري ھينگون ڏيندو ھو، گدڙ کي گڏھ جون ھينگون بنھ ڪين وڻنديون ھيون. رات جو بہ گڏھ بي سريون ھينگيون ڏئي، گدڙ جي ننڊ ڦٽائيندو ھو، پر گدڙ صبر سان وقت پيو گُذاريندو ھو.

ھڪ شام، گدڙ وٽ سندس دوست ڪانگ آيو. ٻئي چٽا ڪچھري ڪرڻ لڳا. ڪجھ دير رکي گدڙ ڪانگ کي چيو، ”يار! گھٽا ڏينھن ٿيا آھن جو تنھنجو راڳ ڪونہ ٻڌو آھي. اڄ پلا ٻُڌاءِ ڪو پيارو گيتُ تہ دل جو بارُ ھلڪو ٿئي.“

ڪانگ گيتُ ڳائڻ لڳو:

ڪٽڪن جا لابارا لھندا
ھاري ناري خوشيون ڪندا
مٽڙا مٽڙا لولا پچبا
پوءِ ٻارن کان لولا کسبا.

پريان گڏھ، ڪانگ ۽ گدڙ جي ڪچھري پئي ڏٺي. جڏھن ڪانگ ڳائڻ لڳو تہ، گڏھ ساڙ وچان وڏيون وڏيون ھينگون ڏيڻ شروع ڪيون. گڏھ جي ھينگن ۾ ڪانگ جو راڳ دٻجي ويو، تنھنڪري، ڪانگ، راڳ بند ڪيو. گدڙ، ڪاوڙ مان گڏھ جي ويجھو اچي چيو: ”ادا گڏھ! اھا ڳالھ نھي تہ ڪانہ ٿي. ھر ھر ھينگن ڏيڻ جو آخر مقصد ڪھڙو آھي؟“

گڏھ رُڪائيءَ مان وراڻيس: ”اھا تہ منھنجي مرضي، جڏھن بہ وٽيم ڳايان. تون ڪير ٿيندو آھين مونکي روڪڻ وارو؟“ گڏھ جي اگرائي ڏس، گدڙ بہ جوش ۾ اچي ويو، پر ڪانگ وچ ۾ پئي جھيڙو

تارايو. انهيءَ جهيڙي ڪان پوءِ ڳڏهه جي نيت خراب ٿي وئي ۽ هو هروقت سوچيندو رهندو هو ته ڪهڙي ريت ڳدڙ کي ختم ڪجي. آخر ڳڏهه پڪو فيصلو ڪيو ته: ”ڳدڙ کي مارائي پوءِ هت اڪيلو مزي سان رهان.“

ڳدڙ جهيڙي واري ڳالهه وساري ڇڏي ۽ هميشه ڳڏهه سان سٺو ورتاءُ ڪندو هو، پر ان جي ابتڙ ڳڏهه جي دل ۾ کوٽ هئي. پنهنجي سوچيل منصوبي کي حقيقت بڻائڻ واسطي، نيٺ ڳڏهه هڪڙي ڏينهن سوير روانو ٿي ويو. ڪجهه پنڌ ڪرڻ کانپوءِ ، هو هڪڙي ڳوٺ ۾ پهتو، جتي سندس ملاقات ڇئن بڪايل ڪتن سان ٿي. هن، ڪتنکي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي چيو: ”مون توهان لاءِ هڪ ٿلهي متاري ڳدڙ جو شڪار ڳوليو آهي. جنهن کي تمام آسانيءَ سان ماري سگهجي ٿو. هلو ۽ هلي مزي سان ڊوڙ ڪيو.“ ڪتا به ڪن ڏينهن جا بڪايل ها، سو ڳڏهه جي ڳالهه ٻڌي، ساڻس گڏ روانا ٿي ويا. بک سبب ڪتا پنڌ نه ٿي ڪري سگهيا، پر ڳڏهه کين همٿائيندو، ورتيون پئي هليو.

هوڏانهن، ڳدڙ ۽ ڪانگ نديءَ تان شڪار ڪري ڪائي پيءِ، وڻن وٽ ڪچهري ڪري رهيا هئا ته اوچتو ڳدڙ کي پريان ڌوڙ اڏامندي نظر آئي. ڪانگ، ڳدڙ جي چوڻ تي، وڻ تي چڙهي پريان نظر ايندڙ ڌوڙ جو جائزو ورتو. جهٽ ڪان پوءِ ڪانگ مٿان وڻ تان رڙيون ڪري چيو: ”ياءُ ڳدڙ! هوشيار ٿيءُ، تو وارو ڀاڙيسري ڳڏهه ڇئن ڪتن سميت هيڏانهن اچي رهيو آهي. سندس ارادا ڪجهه ٺيڪ نظر نه ٿا اچن.“

ڳدڙ به ڳالهه کي سمجهي ويو ته اڄ مڙئي ڪجهه خطرو آهي، سو تڙ تڪڙ ۾ ڳدڙ ۽ ڪانگ هتان هلي ويا.

ڪجهه دير ڪان پوءِ ڳڏهه ۽ چار ڪتا سهڪندي اچي پهتا. ڪتا ڳپي ٿي ها بُکايل. ويتر گهٽي پنڌ انهن کي چتو ڪري وڌو هو. ڳڏهن

۽ ڪتن هيڏانهن هوڏانهن گهٽوئي ڳوليو پر گدڙ ڪين نظر ڪين آيو. هڪڙي ڪتي ڪاوڙ مان گڏهه کي چيو: ”ماما گڏهه تون اسان سان دوکيبازي ڪئي آهي. ڪوڙ ڳالهائي اسان کان هيترو پنڌ ڪرايو اٿئي. هتي گدڙ نه آهيئي ڪونه. پڪ تو اسان سان چرچو ڪيو آهي.“ گڏهه گهڻيئي وضاحت ڪئي ۽ کين سمجهايو ته هتي گدڙ هيو. پر بکايل چتن ڪُتن تي، هن جي ڪنهن ڳالهه جو اثر نه ٿيو. آخر بکايل ڪتن گڏجي، گڏهه تي حملو ڪري کيس چيري ڦاڙي ڇڏيو. گڏهه پنهنجي خراب نيت جو حساب ڏنو. ڪتن کيس ڪائي ڍؤ ڪيو.

# واپاري وليداد

سڪي ميوي جو واپاري وليداد، شهر جو مکيه شاهوڪارن مان هڪ هو. هن جا شهر ۾ پنج دوڪان ۽ ٽي وڏا گودام هئا. سمورو ڪاروبار سندس نوڪر هلائيندا هئا، هو فقط نگراني ڪندو هو. گودامن ۾ رکيل سُڪي ميوي جو ڪجهه حصو ڪوئا خراب ڪري، يا ڪائي ويندا هئا، جنهن ڪري وليداد گهڻو فڪرمند رهندو هو. هن ڪوئن جي خاتمي لاءِ گودامن ۾ ڪوئا مار دوائون هارايون پر پوءِ به ڪوئن جي تعداد ۾ ڪمي نه آئي.

هڪ ڏينهن وليداد، پنهنجي هڪ گودام ۾ ويو، جتي بوهي مڱن جون ڳوٿيون رکيل هيون. هن ڏٺو ته ڪيترائي ڪوئا گودام ۾ پئي ڦريا. گهمندي گهمندي وليداد جي نظر هڪ اهڙي ڪوئي تي پئي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هار پاتل هو. هار وارو ڪوئو، ڳوڻ تڪي، ڏاڍي مزي سان بوهي مڱ ڪائي رهيو هو. هن اهو محسوس به نه ڪيو ته گودام ۾ ڪو ماڻهو موجود آهي. وليداد جي ان ڪوئي ۾ دلچسپي وڌي وئي. هن دل ۾ چيو: "ڪيئن به ڪري هار وارو ڪوئو پڪڙڻ گهرجي." اهو ارادو ڪري، وليداد آهستي آهستي ڪوئي ڏانهن وڌيو. اوچتو جڏهن وليداد جو ڳرو هٿ ڪوئي جي مٿان وڃي پيو ته ڪوئو وائڙو ٿي ويو. سندس وات مان بوهي مُڱ ڪري پيو.

"اڙي سائين! ڇڏ مونکي ساهه ٿو نڪريم" ڪوئو دانهون ڪرڻ لڳو. "توکي ڇڏي ڏيان! توهان ته منهنجي گودامن جي تباهي ڪري ڇڏي آهي، مان توکي، هاٿي جو هاٿي ٻليءَ جي حوالي ٿو ڪريان." ائين چئي وليداد ڪوئي جي ڳچيءَ مان ننڍڙو هار لاهي ورتو. "اڙي اڙي...... منهنجو سونو هار ته نه لاهه" ڪوئو روئي چوڻ لڳو: "هار موٽائي منهنجي ڳچيءَ ۾ پاراءِ."

”هاٿي وري روئڻ لڳو آهين! ٻين جي نقصان ڪرڻ مهل، خيال ڇو نه ٿا ڪريو؟“

”مونکي هار موٽائي ڏي اها منهنجي مرحيات ماءُ جي نشاني آهي.“ ڪوئي منٿ ڪندي چيو. ”سائين واعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي گودام مان نڪري ويندس. هار ڏي ۽ مون کي آزاد ڪر، مان هاٿي جو هاٿي هليو ٿو وڃان.“

”هار ائين ڪيئن ملندو!!“ وليداد لالچي نظرن سان ڪوئي ڏانهن نهاريندي چيو، ”هي جو منهنجو هيترو سارو نقصان ٿيو آهي، سڄو گودام اوهان چٽ ڪري ڇڏيو آهي، اهو ڪير ڀريندو؟“

”سائين هار موٽائي ڏي، پوءِ جيڪو نقصان پرائٽو اٿئي سو ڀراءِ، آءٌ ڀري ڏيندس.“ ڪوئي نماڻائيءَ سان عرض ڪيو.

وليداد جون واڇون خوشيءَ کان ويڪريون ٿي ويون. هن دل ۾ سوچيو ته: ”هار جي بهاني ڪوئي مان ڪيترائي ڪم وٺي سگهجن ٿا.“ سو ڪوئي کي چيائين:

”مونکي ڪجهه رقم آڻي ڏي ته، پوءِ توکي هار واپس ڪندس.“، ڪوئي وراڻيس، ”ٺيڪ آهي مان توکي ڪجهه نوٽ آڻي ڏيندس، پر تيسين منهنجي هار کي حفاظت سان رکجانءِ.“

وليداد، ڪوئي کي پنهجو بنگلو ڏيکاري، اهو چئي ڇڏي ڏنو ته: ”تُن ڏينهن جي اندر رقم مون وٽ پهچڻ گهرجي.“

ڪوئي گودام ۾ موٽي اچي. پنهنجن دوستن سان سموري ڳالهه ڪئي. سندس هڪ دوست کيس دلداري ڏيندي چيو: ”جتي گودام جي مالڪ جو بنگلو آهي. ان سڳيئي پاڙي جي هڪ گهر ۾ اڪيلو ڪنجوس سيٺ رهندو آهي. مان ڀريائين اتي رهندو هوس.

اهو سيٺ پنهنجا نوٽ هڪ وڏي ڪپڙي جي ڳوٿريءَ ۾ وجهي، گهر جي ڇت ۾ ٽنگي ڇڏيندو آهي. اتان آسانيءَ سان رقم حاصل ڪري سگهجي ٿي.“

سوني هار واري ڪوئي کي پنهنجي دوست ڪوئي جي ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي.

ٻي رات ٻئي ڪوئا، ان ڪنجوس سيٺ جي گهر وڃي پهتا. نوٽن واري ڳوٿري ڇت ۾ ٽنگيل هئي ۽ ڪنجوس سيٺ گونگهرا پئي هنيا. ٻئي ڪوئا هري هري ڇت جي شهتيرن کي چنبڙندا، وڃي ڳوٿريءَ تائين پهتا. پوءِ نوٽن جي هڪ دستي قابو ڪري واپس هيٺ لهي آيا ۽ ڦڙتيءَ سان گهر مان نڪري ويا.

ٻاهر نڪري سوني هار واري ڪوئي، ٻئي دوست کي چيو:

”دوست تون ٻلي هل مان وليداد واري بنگلي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڏينهن ٽيڙ جو انتظار ڪندس، هاٽي هو ننڊ ۾ هوندو. صبح جو هي نوٽ ڏيئي، ڪانئس پنهنجو سونو هار وٺندس.“

سچ ايپريو ته ڪوئي نوٽن واري دستي کڻي، وليداد واپاريءَ جي ڪمري ۾ پهتو. وليداد ان وقت بستري تي وڏا وڏا رجسٽر کولي، ڪجهه لکي رهيو هو. ڪوئي ويجهو وڃي، وليداد کي سلام ڪندي چيو: ”سائين! آءٌ واعدي موجب حاضر آهيان. هي وٺو نوٽ ۽ مونکي پنهنجو هار موٽائي ڏيو.“

وليداد، ڪوئي کي نوٽن سميت سامهون ڏسي وائڙو ٿي ويو. ”اڙي واهه! تون ته واقعي نوٽ کڻي آيو آهين.“ ائين چئي وليداد ڪوئي کان نوٽن جي دستي کسي ورتي. وليداد جي نيت بدلجي وئي، هن ڪوئي کي هار ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو: ”پيارا ڪوئا! نوٽن جي دستي هڪ ٻي به آڻي ڏي ته هار ڏيندوسانءِ.“

ڪوئي وليداد ڪي گهٽو ئي چيو ته هو واعدي تان ڦري رهيو آهي، پر وليداد ڪجهه نه ٻڌس. ان جي ابتڙ ٻلئ ڪي سڏ ڪري ڪوئي ڪي ڌيڄارڻ لڳو. ڪوئي، ٻي ڪا واهه نه ڏسي، لاچار هڪ دفعو وليداد ڪان واعدو وٺي هليو ويو.

سوني هار واري ڪوئي، روئي اچي پنهنجي دوست ڪوئي ڪي سموري ڳالهه ٻڌائي. دوست هڪ دفعو وري به آٿت ڏيندي چيس:

”گهٻراءِ نه، اسين لالچي وليداد جي هيچَ پوري ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو وري هلي ان ڪپڙي واري ڳوٿريءَ مان نوٽن واري دستي ڪڍنداسين.“

وري ٻئي ڪوئا، رات جو ساڳئي ڪنجوس سيٺ جي گهر پهتا، اُٻ جيان ڇت جي شهتيرن ڪي چنبڙي، ڳوٿريءَ وٽ پهچي، هڪ دستي نوٽن جي ڪٽي نڪري آيا. دوست ڪوئو گودام ڏانهن هليو ويو ۽ سوني هار وارو ڪوئو واپاري وليداد جي بنگلي جي هڪ ڪنڊ ۾ ڏينهن ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڏينهن ٿيڻ تي ڪوئو وليداد جي ڪمري ڏانهن ويو.

وليداد بستري تي چانهه پي رهيو هو. ڪوئي، سلام ڪري اُٻ وانگر نوٽن جي دستي پيش ڪندي ، پنهنجي هار جي گهُر ڪئي. هن ڀيري به وليداد جي نيت ۾ کوٽ پيدا ٿي. هن ڪوئي ڪي نوٽن جي اهڙِي ٽين دستي به آڻڻ جي لاءِ چيو. ڪوئي وري به ڪيس گهڻو ئي سمجهايو ته هو ساڻس نا انصافي ڪري رهيو آهي. پر وليداد کيس ڇڙٻ ڏيندي چيو:

”نوٽن جي دستي نه آڻيندين، ته هار به ڪونه ملندءِ. مان سياڻي اهو هار سوناري ڪي وڪڻڻ ويندس.“

ڪوئو وليداد جي ڏاڍائي ڏسي روئڻ لڳو، پر وليداد تي ڪو اثر ڪونه ٿيو. ڪوئي سوچيو ته هارڻ واپاري وليداد هر دفعي هار ڏيڻ جي بهاني، هن ڪان نوٽن جي ڳهُر ڪندو رهندو، پر هارُ موٽائي ڪونه ڏيندو، سو هن تيهر نوٽن آڻڻ ڪان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

واپاري وليداد جڏهن ڏٺو ته ڪوئو بنهه انڪار ڪري رهيو آهي ته هن ٻليءَ کي سڏ ڪيو، "پشمي پشمي.............."

ايتري ۾ ٻلي "ميائون ميائون" ڪندي، ڊوڙندي آئي.

ڪوئي جو ٻليءَ کي ايندي ڏٺو، ته هو ويچارو ڀڄي ويو ۽ ساهه وجي گودام تي پٽيائين.

گودام تي پهچي سونو هار نه ملڻ تي، پنهنجي ماءُ کي ياد ڪري روئڻ لڳو. سندس روئڻ جو آواز ٻڌي، سڀ ڪوئا اچي ڪٺا ٿيا. ڪوئا سندس حال تي افسوس ڪرڻ لڳا. دوست ڪوئي وري به کيس سمجهائيندي چيو:

"دوستا! روئڻ مان ڪجهه ڪونه ورندو، همت ٻڌُ. اسان دغاباز وليداد کي سندس دوکيبازيءَ جي سزا ضرور ڏينداسين."

پوءِ پنهي دوستن وليداد کي سندس دوکيبازيءَ جي سيکت ڏيڻ جو منصوبو ٺاهيو.

پوءِ رات جو سوني هار وارو ڪوئو ۽ سندس دوست ڪوئو، ٻئي گڏجي ساڳئي ڪنجوس سيٺ جي گهر ويا. ساڳئي شهتيرن کي چنبڙي ڳوٺريءَ تائين پهچي، نوٽن جون ٻه دستيون کڻي هيٺ لهي آيا. پنهي دوستن نوٽن جي دستيءَ کي ٽوڙي سڀ نوٽ ڌار ڌار ڪيا.

پوءِ اهي نوٽ ڪنجوس سيٺ جي ڪمري ڪان وليداد جي گهر تائين هاريندا ويا. سڀ نوٽ اهڙي ريت هاري، ٻئي گودام ۾ سُتا.

ٻئي ڏينهن صبح جو، جڏهن ڪنجوس سيٺ اٿيو ته پنهنجي ڪمري ۾ نوٽ هاريل ڏسي، حيران ٿي ويو. ڳوٿري ۾ ڏٺائين ته نوٽ ڪٿل هئا. پوءِ هاريل نوٽ کي جاچيندي جاچيندي وليداد واپاريءَ جي بنگلي ٻاهران وڃي پهتو.

ڪنجوس سيٺ کي پڪ ٿي وئي ته سندس چوري وليداد واپاريءَ ڪئي آهي يا ڪرائي آهي. سو هن پوليس ٿاڻي تي وليداد جي خلاف بيان داخل ڪرايو. پوليس وليداد کي چوريءَ جي الزام ۾ گرفتار ڪري وئي، اها خبر ٻئي ڏينهن اخبارن ۾ آئي، ڪوئا اخبار ۾ خبر پڙهي خوش ٿيا.